# ساهتڪ پرک

ليکڪ:اي جي اُتم

(1997 Dec)



# ساهتڪ پرک

ليکڪ

اي. جي. اُتم

۱۹۹۷

December

# ساهتڪ پرک

(تنقيدي ۽ تحقيقي مضمون)

Indian ...
No. ... ... ... ... ...

ليکڪ

اي. جي. اُتم

ڊسمبر ١٩٩٧ ٥٠ سالگره قيمت ٢٠ رپيا

نئين دنيا پبليڪيشن،
بي ٩، فلورينا، سيتلا ديوي روڊ،
ماهيم، بمبئي - ١٦.
فون - ٤٣٧٤١٣٦

# SAHITIK PARKHA
## ( Essays )

By A.J. UTTAM

Naeen Duniya Publications
B/9, Flourina, Sitla Devi Road,
Mahim, Mumbai - 16.
Tel. : 4374136

Copyrights : With the Author
Year 1997

Price Rs. 20.00

Owned & Published by Mr. A.J. Uttam on behalf of
Naeen Duniya Publication, Mumbai - 16.
Printed By Ishwardas V. Jadwani at Raju Printers,
Station Road, Ulhasnagar - 3.

# ليکڪ طرفان

منهنجو هي مضمونن جو ١٤ ڪتاب آهي جنهن ۾ ڏنل سڀ مضمون پهريون دفعو ڪتابي صورت ۾ ڇپيا آهن. اُهي اَدبي، تنقيدي ۽ تحقيقي آهن. هي منهنجو ڪتاب ١٩٩١ ڪان پوءِ ٿو ظاهر ٿئي، اُن جو سبب آهي جو مان ايترا سال احمدآباد جي هفتيوار اَخبار جهوليلال لاءِ هر هفتي ليک لکندو هوس، چو جو اُن جي ايڊيٽر ديال موٽواڻيءَ سان خوفناڪ حادثو ٿيو هو ۽ آلاجي ڪيئن موت کان بچي ويو هو.

هو اُن حادثي جي ڏک مان اَجا بہ مڪمل طور آجو نہ ٿيو آهي ۽ اُنجو اَثر آهڙو اَٿس جو تمام چڱيءَ طرح پڙهي، لکي ۽ ياد ڪري نہ سگهندو آهي. جيڪڏهن ڪيس اِن حادثي جي ڪري مان ڪيس تن، من، ڌن سان مدد نہ ڪريان ها تہ جهوليلال اَخبار هن ڪان اَڳي بند هجي ها. پر ديال موٽواڻيءَ مونکي اُن جو اُجورو تازو ڪرتگهنتا سان ڏنو آهي جنهنڪري مونکي پنهنجي ”نئين دنيا“ پبليڪيشن وري شروع ڪرڻي پيئي آهي. جنهنجو هي تازو ٻيو ڪتاب آهي.

جئہ سنڌي.

# فهرست


١ - ليڪ طرفان

٢ - صوفي ۽ ڀڳتي ڪوتا جو سنڌي

٣ - شاھ لطيف جو ڀارتي ڪلياڻ آدرشن
جيوت تي اثر

٣ - تنقيد جا مسئلا ۽ سنڌي تنقيد
جي اوسر

٤ - اوائلي سنڌي نثر تي اِتهاسڪ نظر

٥ - ٻن سنڌي مهاڪوين اَياز ۽ شيام جي ڪوت

٦ - باغي ڀڳتڻ ميران

٧ - عظيم ترين اَديب تيرٿ بسنت

هن تہ اِهو بہ چيو آهي : ”ويدن ٻگاڙي، ڪوڙين ڇڏيا ڪيترا.“ سامي تہ انهن ٻنهي ويدانتي ۽ صوفي ويچارن ڪي هڪ جهڙو سمجهي چوي ٿو : ”ڀانوي آنل حق، ڀانوي ٻولي رام رام. ٻئي هنڌ چوي ٿو : ”ڪرم، اُپاسنا، گيان، ڳالهہ چون ٽا هڪڙي“ اهڙا ويچار ٻين ويدانتي ڪوين، دلپت ۽ آسورام بہ ڏنا آهن جن قرآن جو بہ اڀياس ڪيو هو.

شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ صوفي ۽ ڀڳتي ويچارن جو آهڙو ئي ذڪر پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي جو هندو جوڳين سان گهميو ڦريو آهي ۽ اُنهن کي خوب ساراهيو اٿس. هڪ هنڌ تہ چوي ٿو مڙهيءَ ۾ گهڙي ڏٺوسين، ستگرو الله سنگہ.

سنڌي، صوفي ۽ ويدانتي شاعرن ۽ ڪوين ۾ ڪٽرپڻي خلاف ۽ ساز سلوڪ وارا ويچار پڙهي مشهور ليکڪ سرڳواسي گرديال ملڪ جنهن سنڌ ۾ گهمي ڦري، سنڌ بابت گرديو جي شانتي نڪيتن ۾ ليڪچر ڏنا هئا جيڪي پنهنجي ڪتاب "Divine Dewellers" ۾ لکي ٿو تہ سنڌ ۾ جيڪا ٻين سان ڀاڻ لهڪائڻ جو سياءُ ۽ لچڪ ۽ مهمان نوازي آهي سا ان سنڌي صوفي شاعريءَ جي ڪري.

مٿين مثالن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ ڪيئن نہ سنڌ جي صوفي شاعرن توڙي ويدانتي ڪوين جي ويچارن ۾ هڪجهڙائي هئي ۽ ڪيئن هنن هندن-مسلمانن جي وچ ۾ مٺ محبت آڻڻ ۽ گڏجي گذارڻ جو پيغام ڏنو جنهن جو اثر ٻنهي ڌرم وارن هندو توڙي مسلمانن جي رهڻي-ڪهڻيءَ، ويچار-وهنوار ۽ ڀڳتي توڙي ڌرمي جيوت تي بہ ٿيو.

مٿي مون جيڪي بہ هندو-مسلم شاعرن شاهہ، سچل، سامي، روحل، بيدل، بيڪس، دلپت، آسورام وغيره جا مثال ڏنا آهن تہ اِهي سڀئي بنيادي طرح ڪوي ۽ شاعر آهن جن پنهنجي وقت ۽ زندگيءَ جي ترجماني ڪئي آهي ۽ نہ ڪنهن ڌرم مذهب يا پنٿ جي ڪا وڪالت ڪئي آهي جيئن اَڄ بہ ڀارت ۾ ڪي تنگدل ۽ تعصبي سنڌي

تورا ئي سنئين، پرچار ڪندا آهن. اُنهن شاعرن ۽ ڪوين ۾ آهڙو ڀيدڀاو، اوچ-نيچ، ذات-پات جو پرچار هجي ها تہ هي سڀ شاعر، ڪوي، هندن ۽ مسلمانن ۾ لوڪپريہ نہ هجن ها. هنن جي ۽ هنن جي چونڪين ۽ صوفي سماگم ۽ ميڙن ۾ شريڪ ٿي اُنهن کي نہ همٿائين ها جو هتي پنهنجي وطن سنڌڙيءَ کان جلاوطن ٿي بہ انهن شاعرن جي ڪلام کي زندہ نہ رکن ها جيئن هتي ڪيترن ئي سنڌي سنتن-مهاتمائن هنن جا ڪتاب وقت بہ وقت هتي ڇپايا آهن جن تي هتي جي ڪن مڪاني ماڻهن کي بہ عجب لڳندو آهي ڇو جو هو سنڌين وانگر ڇوت-ڇات، برهمڻ-غير برهمڻ جي ڀيد-ڀاو کان بالاتر نہ آهن. اِنڪري ئي هنن سنڌين کي پاڻ ۾ جذب ٿيڻ نہ ڏنو جيئن جئرامداس دولترام بہ ميڃيو هو.

اِها سنڌين جي سڀاءَ، حلت-چلت، ويچار-وهنوار يعني سنسڪرتيءَ جي خصوصيت آهي جيئن مٿي مشهور ليکڪ ۽ سماج سڌارڪ ديوان ديارام گدومل ١٩٣٢ ۾ تمام تز نموني ٻڌائي آهي جا اَڄ بہ ٦٥ سالن کان پوءِ بہ صحيح آهي.

جيئن مون چيو آهي تيئن مان بہ سمجهان ٿو تہ اُن جي جڙ صوفي ۽ ڀڳتي هلچل سان متاثر ٿيل سنڌي ڪوتا، گيت-سنگيت ۾ ئي آهي.

(ڊسمبر ١٩٩٧ ۾ سيڪيولر سوسائٽي سيمينار ۾ پڙهيل پيپر)

# شاهہ لطيف جو پارکو ڪلياڻ آڏواڻي

۱۹۹۴ سال آسان سنڌين لاءِ منحوس سال هو جڏهن اسانجون چار بزرگ ساهتڪ هستيون شريمتي گلي سدارنگاڻي، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، شري يو. ٽي. ٺڪر ۽ شري تيرٿ بسنت هڪ ٻئي پٺيان سدائين لاءِ آمرتا جو پد پائي هليون ويئون.

پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي سان تہ منهنجو ۵۴ سالن کان سرگرم ساٿ رهيو هو. آڏرين دفعو هتي سيپٽيمبر ۱۹۹۳ ۾ ساٿس سنڌ مان آيل ”جيئي سنڌ هلچل“ جي جوانن آصف بالادي ۽ گورڌن مالي سان گڏ مڪاميلو ٿيو هو، جيڪي پيري پيئي گڏيس ۽ شاهہ لطيف جي رسالي بابت ملاقات رڪارڊ ڪيائون ۽ فوٽا ڪڍايائون، جيڪي اڄ بہ موجود آهن. اصل ۾ منهنجو هن سان ۴۰ جي ڏهاڪي کان نووديالیہ (حيدرآباد) اسڪول ۾ مئٽرڪ شاگرد طور ناتو جڙيو جو هنجي ڊي. جي. نئشنل ڪاليج ۾ پروفيسري وقت بہ قائم رهيو، جتان مون ايم. اي. پاس ڪئي. ان شاگردي دور ۾ ئي هنجا شاهہ، سچل، سامي، ڪاليداس، ٽئگور تي ليکہ ”سنڌو“ مخزن ۽ ڪاليجي مسلني ”ڦليلي“ ۾ پڙهي سندس پرکہ اپياس ۽ علم کان متاثر ٿيس. جڏهن مان ”ڦليلي“ جو ايڊيٽر چونڊيس تہ اُنجا سال ۾ بہ پرچا ڪڍيم، جيڪي ٻيءَ مسلنيءَ جا نہ نڪتا هئا. پهرئين پرچي لاءِ هنکان ليکہ لکايم ”شاهہ جي وطن دوستي ۽ عالم دوستي“ جنهنجي آڌر ۾ لکايائين ”انڇيل ڪتاب شاه مان هڪ باب“ اهو ڪتاب بمبئيءَ ۾ ۱۹۵۱ ۾ نڪتو، جو اڄ تائين يگانو تنقيدي ڪتاب آهي ۽ ”ڦليلي“ جي ٻئي پرچي ۾ ”ڪنول گل“ تي ليکہ لکيائين. اُنہ شاهہ، سامي،

وجن پر پارسي، عربي لفظن کي سمجهڻ ۽ سنڌي آواز اُچارڻ لاءِ موجوده لپي ئي موزون آهي.'' هو وڏو عالم، اپياسي اُستاد هو. اهڙا انسان سدائين سانتيڪا، سادگي ۽ سڌانت پسند هوندا آهن جڻ هو به هو. سندس سرڳواس ٿيڻ تي سنڌ ۾ به عقيدت جو اظهار ڪيو ويو جڻ ڪجهه مهنا اڳ سنڌ جي مهراڻ (سرڪاري رسالي) ۾ ڇپيل ليکن جو تبصرو ڪندي ٻڌايو هوم. خاص ڪري هنجي شاهه جي رسالي تہ سندس نالو سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ لوڪ-پريہ بڻائي ڇڏيو هو.

هن سنڌ وارن ٻن جوانن کي ٻڌايو تہ ڪئن مهنن جا مهنا نور نچوئي، ٻہ ٻہ ٽي ٽي دفعا پروف پاڻ جاچي اهو رسالو تيار ڪيو. خود جيرامداس دولترام جنهن هاٿوڪي سنڌي لپيءَ کي ديوناگري لپيءَ ۾ بدلائڻ لاءِ پنهنجي سڄي عمر وڃائي تنهن بہ هن سنڌي لپي ۾ ان رسالي جي مهاڳ ۾ لکيو تہ ''شاهه جو رسالو سنڌي ٻوليءَ، تاريخ لاءِ هڪ خزانو آهي ... اهو رسالو اسانجي روحاني، اخلاقي، دنيوي، راڄنيتي ۽ سماجڪ سڀني مسئلن لاءِ سڪيا جو ساگر آهي ۽ رهندو.''

ان ڪري ئي هنن ٻن رسالن ۽ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي تنقيدي ڪتابن ڪري سنڌ ۾ مشهور ليکڪ تاج جويو لکيو تہ سنڌ هن کي ڪڏهن بہ وساري نٿي سگهي ۽ اڄ تائين هنن ڪتابن کان بهتر هتي ڪو ڪتاب نہ نڪتو آهي.

هڪ ٻئي ليکڪ وري سنڌ جي ''مهراڻ'' رسالي ۾ لکيو تہ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ جو شاهه لطيف جو رسالو سڄي دنيا ۾ ''بيسٽ سيلنگہ'' جو رڪارڊ قائم ڪيو آهي.

اسان وٽ هتي خود ديوناگري حامي موهن شرما ديوناگريءَ ۾ پي. ايچ. ڊي. جي ڊگري بہ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي جي عربي سنڌيءَ واري شاهه جي رسالي تان حوالا نقل ڪري، حاصل ڪئي آهي. ٻئي ديوناگري حامي موتيرام راموانيءَ بہ هنجي عربي سنڌي

# تنقيد جا مسئلا ۽ سنڌي تنقيد جي اوسر

## تنقيد ۽ ادبي تنقيد

تنقيد اُها ڪسوٽي آهي جنهن جي ذريعي ڪري ۽ ڪوڙي جي پرک ڪجي ٿي؛ ڪنهن جي قدر ۽ قيمت جي ڪٿ ڪجي ٿي. زندگيءَ ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هر ڪنهن اِنسان وٽ اها تنقيدي سوجهہ رهي ٿي، جيڪا پسندي ۽ ناپسندي جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. پوشاڪ جو فيصلو ڪرڻو هجي، يا خوراڪ جو فيصلو ڪرڻو هجي، هر چيز لاءِ اها اسانجي رهنمائي ڪري ٿي. تنقيد اِنساني فطرت جو انگ آهي. جيڪڏهن انسان ۾ اها سوجهہ نہ هجي ها تہ هو اَجا تائين غارن ۽ چرن ۾ لڪو ويٺو هجي ها. جڏهن زندگيءَ ۾ تنقيد جي ايتري اهميت آهي، تڏهن ادب، جيڪو زندگيءَ جي ئي پيدائش آهي، اُنلاءِ ڪيئن نہ انهيءَ جي اهميت هوندي! اِها ڳالهہ ايتري صاف سڌي ۽ سڄ وانگر روشن آهي، جو نقاد کي ان بابت ڪجهہ ٻڌائڻ جي ضرورت ئي ڪانهي.

مشهور انگريزي نقاد هڊسن پنهنجي ڪتاب 'An Introduction to the Study of the Literature' ۾ تنقيد جي خامين خوبين جي ڇنڊڇاڻ ڪندي لکي ٿو، ''هڪ کن لاءِ بہ تنقيد جي ضرورت بابت شڪ شبوہ نٿو اُٿاري سگهجي. تنقيد جي خدمت کان منڪر ٿيڻ جي معنيٰ اها ٿيندي تہ ڪوبہ اسان کان وڌيڪ سياڻو نہ ٿي سگهندو ۽ ڪير بہ ٻئي جي گهري آزمودي ۽ بهتر عقل مان لاڀ حاصل ڪري نہ سگهندو.''

آمريڪي نقاد ليڊوگ ليويسوهن 'Modern Book of Criticism' ۾ لکي ٿو، ''تنقيد هوا وانگر حاضر آهي، روٽيءَ وانگر چٽي هستي رکندڙ آهي ۽ اِنساني سڀيتا لاءِ ڳاڙهي يا ڳاسليٽ کان بہ وڌيڪ ضروري آهي.''

سوال ٿو اُٿي تہ جيڪڏهن هر ڪنهن شخص وٽ پرک جو مادو آهي تہ پوءِ ادب لاءِ نقادن جي ضرورت ئي ڪهڙي آهي؟ اُنجو جواب تنقيد ۽ ادبي تنقيد جي فرق سمجهڻ ۾ سمايل آهي. رواجي تنقيد هڪ شخص جي ذاتي پسنديءَ ناپسنديءَ تي ٻڌل راءِ زني آهي. پر ادبي تنقيد ان

چاهي اهو لُولو لنگڙو يا منڊو ڪنڊو ڇو نہ هجي. جهڙيءَ صرح آڪثر ماءُ پنهنجي لخت جگر جا عيب ٻڌائيندڙ جي آجيان ڪرڻ بدران ولي ٻٽ پاراتو شروع ڪندي آهي تهڙيءَ طرح ڪي ليکڪ نقاد جي ٻڌايل خامين جو جواب هن گفتي سان ڏيندا آهن، ”اهڙي رچنا لکي تہ ڏيکار“ ۽ اهڙن ليکڪن کي نقاد وري اهوئي جواب ڏيندا آهن تہ ”پنهنجي رچنا ٺڪي ڪنهن کي ٻڌائڻ يا ڇپائڻ کانسواءِ صندوق ۾ سانڍي رکي تہ ڏيکار.“ يعني جڏهين ليکڪ پنهنجي رچنا ذريعي پنهنجا جذبا ۽ ويچار ٻين سان ونڊڻ ٿو چاهي، تڏهين هو هننکي تنقيد جي حق کان ڪيئن ٿو وانجهي سگهي؟

اتهاس ۾ اهڙا ٿورا مثال ملندا جن مان معلوم ٿي سگهي تہ ليکڪ نقاد جي تنقيد کي فراخدليءَ سان مڃيو هجي. روس جي مشهور ليکڪ گوگول جو اهڙو هڪ مثال آهي. هن روس جي مايہ ناز تنقيد نگار بيلنسڪيءَ تي الزام ڏريو تہ ”تو منهنجي ڪتاب تي تنقيد فقط جوش ۾ اچي ڪئي آهي.“

بيلنسڪيءَ کي ڏاڍو ڏکہ ٿيو. لکيائينس، ”مونکي خون ڪرڻ جي ڪوشش ڪرين ها تہ بہ ايڏو رنج نہ ٿئيم ها جيترو تنهنجي انهن سٽن مونکي رسايو آهي.“ ان کان پوءِ بيلنسڪيءَ گوگول کي پنهنجي تنقيد جا ڪارڻ، روسي سماج جي حالت ۽ حقيقت نگاريءَ وغيرہ جو ذڪر ڪري پڇاڙيءَ جي خط ۾ لکيائينس، ”جيڪڏهن توکي رشيا پياري آهي تہ توکي مونسان گڏ پنهنجي ڪتاب جي ناڪاميابيءَ تي خوش ٿيڻ کپي ... هنم تنهنجي يا منهنجي شخصيت جو سوال ڪونهي. پر هنجو اُن وشيہ سان واسطو آهي، جيڪا توکان مونکان وڌيڪ اهم آهي. هنجو واسطو آهي سچائي سان، روسي سماج سان.“

گوگول ڪيس جواب ڏيڻ لاءِ پهرين خط لکيو پر پوءِ اُهو ڦاڙي ڦٽو ڪيائين ۽ لکيائينس ”منهنجو روح تو اڳيان نِمي ٿو.“

**تنقيد ۽ تخليق**

ڪي ليکڪ تنقيد کي تخليق کان گهٽ درجو ڏيندا آهن. اُنجو هو سبب اِهو ڏيندا آهن تہ تنقيد تخليق کان پوءِ ئي پيدا ٿيندي آهي، جا

ان جي جواب ۾ ٻئي يوناني نقاد مشهور فيلسوف Aristotle ارسطو چيو (عيسوي سن کان ٢ صديون اڳ ۾) ته ساهت جي سچائي سائنس يا تاريخ جهڙي سچائي نه ڏيندي آهي. سائنس ۾ فقط ان سچائيءَ جو ذڪر هوندو آهي جيڪا ٿي گذرندي آهي پر ساهت ۾ ليکڪ جو ڪم اهو نه هوندو آهي ته ٻڌائي ته ڇا ٿي گذريو آهي پر ڇا ٿي سگهندو ۽ ڇا ممڪن آهي. ارسطو ادب جو مقصد وندر سمجهيو، جيڪا اديب سهڻي نموني نيمن تي ٻڌل رچنا ذريعي ئي پئدا ڪري سگهي ٿو. ان مان ڏسڻ ۾ ايندو ته ارسطو رچنا جي روپ تي گهڻو زور ڏنو.

جيتري قدر ادب جي پيدائش جي بنياد جي تشريح جو سوال آهي ته ارسطو، افلاطون کان گوءِ کٽي ويو پر جيتري قدر ادب جي مقصد جو سوال آهي افلاطون، ارسطوءَ کان گوءِ کٽي ويو. هنن ويچارن جي مدنظر تي جيڪا تنقيد ڪئي ويئي سان ١٨ صديءَ تائين هلي. جيتوڻيڪ ان وقت تائين هننکان پوءِ ٻيا ڪيترا نقاد پيدا ٿيا جن تنقيدي فن کي اوچ ڏني. جهڙوڪ بين جانس، ڊرائڊن، ائڊسين، لسينگ، ورڊسورٿ، ڪولرج وغيره پر بنيادي طرح اڪثر اهي افلاطون يا ارسطو مان ڪنهن هڪ جي ويچار سان شامل هئا.

آخر ١٩ صديءَ ۾ انگريزي نقاد مئٿيو آرنولڊ جيڪو جديد تنقيد جو باني آهي، تنقيد کي هڪ نئون موڙ ڏنو. هن چيو ته ادب زندگيءَ جو نقل ڪونه آهي پر اهو زندگيءَ جي تنقيد آهي. اهو زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿو ۽ ٻڌائي ٿو ته زندگي ڪيئن گهارجي. هنجي انهن ويچارن تنقيد ۾ وڏي تبديلي آندي. انهن مان ڏسجي ٿو ته هن تي ڪارل مارڪس جي ويچارن جو ڪجهه ڪجهه اثر ٿيو هو جن ان وقت يورپ ۾ ٿرٿلو مچائي ڇڏيو هو.

مارڪس چيو، ”هيلتائين فيلسوفن فقط دنيا جي سمجهاڻي پئي ڏني آهي پر ضرورت اهو ٻڌائڻ جي آهي ته دنيا کي ڪيئن بدلائجي.“ ليڪن جيئن ته آرنولڊ مارڪسوادي ويچارن کي نه اپنايو هو انڪري هنجي تنقيدي نظريي ۾ تضاد پيدا ٿيا. مثلا هن چيو ته نقاد کي ڪن به سياسي توڙي عملي ويچارن کان بلند ۽ بي تعلق ٿي تنقيد ڪرڻ کپي

ڇو تہ تنقيد جو انهن ويچارن سان ڪوبہ واسطو ڪونهي. وري اتيئي چيائين، ”جيڪو ادب خلاف بغاوت ٿو ڪري سو زندگيءَ خلاف آهي.“ ان جي معنيٰ تہ نقاد کي ادب جي تنقيد ڪرڻ وقت اخلاق ۽ زندگيءَ جو خيال رکڻو آهي. ۽ سياسي ۽ ٻيا ويچار تہ زندگيءَ ۾ سمايا ٿي پيا آهن جن کان بي تعلق ٿي نقاد ڪيئن تنقيد ڪري سگهندو؟ ان کان سواءِ اهو سوال بہ سڀاويڪ آهي تہ هن طبقباتي زندگيءَ ۾ ڪهڙي طبقي جي زندگي ۽ ڪهڙي طبقي جي اخلاق خلاف ادب کي بغاوت ڪرڻ نہ کپي؟ ڇا اسانکي خبر ڪانهي تہ شاهوڪارن جو هڪڙو مزورن جو اخلاق ٻيو آهي ۽ اُنجو معيار بہ زماني سان ڦرندو رهيو آهي. ان تضاد کي فقط مارڪسوادي نظريو ئي دور ڪري سگهيو آهي. هي نظريو ادب برائي زندگيءَ واري نظريي کي وڌيڪ چٽو ۽ مڪمل ڪري ٿو ۽ وگيانڪ روپ ڏئي ٿو. ان کي ادب برائي عوام "Art for Peoples Sake" جو نظريو بہ چيو ويندو آهي.

مارڪسوادي نظريو سماج کي سمجهڻ، ان کي بدلائڻ ۽ نئين غير طبقيدار سماج کي اڏڻ جو نظريو آهي. ان نظريي موجب هيءَ مادي دنيا انساني خيال کان اڳ موجود هئي ۽ انساني خيال ان دنيا جي حرڪت مان پيدا ٿيو. انساني سماج جو بنياد هن دنيا تي آهي. ادب انسان جي خيالات ۽ جذبات جي اظهار جو نالو آهي. اهو سماج جو شاهد آهي. آخرين طرح ادب بہ هن مادي دنيا جي پيداش آهي. مادي دنيا هميشه بدلبي رهي آهي. جنهن جي ڪري سماجي راڄنيتي ۽ ساهتڪ زندگي پڻ بدلبي رهي آهي.

جيئن جيئن پيدائش جي ذريعن، کيتي هنر وغيره ۾ ترقي ٿي آهي تيئن راڄنيتي، سماجي ۽ ساهتڪ زندگي پڻ ترقي ڪئي آهي. انساني زندگيءَ جي پراچين دور کي ڇڏي جڏهين سماج غير طبقاتي هئي، هر دور ۾ سماج پنهنجي پيداش جي ذريعن جي بنياد تي مختلف طبقن ۾ ورهيل رهي آهي؛ هڪ نہ هڪ طبقي انهن ذريعي کي ترقي ڏيئي ان مان پيدا ٿيل سماجي لاڙن کي ترقي يافت شڪل ڏيئي انساني زندگيءَ کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ۽ هيءُ طبقو پنهنجي زماني جو ترقي پسند طبقو رهيو آهي. تهذيب، ادب ۽ آرٽ هن طبقي جو سهارو

انسانيت پرستيءَ جو قائل آهي پر اها انسانيت پرستي پيڙيل طبقي جي ٿي حمايت ڪندڙ آهي. اهڙي نقاد لاءِ فقط تيزفهم يا ادبي ڄاڻ يا زندگيءَ جو آزمودو ڪافي ڪونهي پر سماجي، آرٿڪ، سياسي ۽ تاريخي حالتن جو مطالع پڻ تمام ضروري آهي، ڇو تہ انهن حالتن جي تبديلن سان ادب ۽ اديب تي وڏو اثر پوي ٿو. اُنجي معنيٰ اها ڪانهي (جيڪا ڪڏهين ڪڏهين ڪي مارڪسوادي نقاد بہ ڪيندا آهن) تہ انهن حالتن جو ادب سان سڌو تعلق آهي يعني تہ جيئن ئي انهن ۾ تبديليون آيون تيئن ئي ساهت ۾ تبديليون ايندييون. اهڙي نظريي کي ميڪانڪيماديت Mechanical Materialism چوندا آهن. اتهاس اسانکي ٻڌائي ٿو تہ مادي حالتن جي ڦرڻ سان ساهت ۾ آهستي آهستي ڦيرو آيو آهي. نہ فقط ايترو پر ساهت پڻ حالتن ڦيرڻ ۾ ڀاڱو ادا ڪيو آهي.

ساڳيءَ طرح مارڪسوادي تنقيد رڳو ليکڪ جي طبقي کي خيال ۾ رکي هنجي ڪٿ نٿي ڪري. مثلاً جيڪڏهن ڪو ليکڪ زميندار طبقي مان آيو آهي تہ انڪري هو ائين نہ چوندو تہ هنجو ساهت فقط ان طبقي جي ئي ترجماني ڪريٿو. ڇو تہ ڪيترائي اهڙا زميندار طبقي مان آيل ليکڪ آهن، جن پنهنجين لکڻين ۾ عوام جي زندگي اوتي آهي. اهو تضاد حالتن جي ڪري پيدا ٿئي ٿو، جيڪي هنکي ڪڏهين ڪڏهين تہ پنهنجي طبقي خلاف بہ لکڻ لاءِ مجبور ڪنديون آهن. ليڪن اهو مارڪسوادي نقاد ئي ٻڌائي سگهندو، جنهن وٽ طبقاتي شعور آهي تہ اهڙن ليکڪن ۾ اهي تضاد ڇو آهن. اهي تضاد ڄاڻڻ ڪري هو اهڙن ليکڪن جو قدر غير مارڪسوادي نقادن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڪريٿو. مارڪسوادي تنقيد جيڪو ڪلاسيڪل بورزيا ليکڪن جو قدر ڪيو آهي، سو خود بورزيا طبقي بہ هننجو نہ ڪيو آهي. اها مارڪسوادي تنقيد جي وڏي دين آهي.

مارڪسوادي تنقيد تي اِهو اِلزام بہ مڙهيو ويندو آهي تہ اِها ليکڪ جي رچنائن مان پنهنجون من مانيون معنائون ٿي ڪڍي، جنجو ليکڪ کي خواب خيال بہ نہ هوندو آهي. هي اِلزام تہ غير مارڪسوادي نقادن سان بہ لڳي سگهيٿو ۽ مان سمجهانٿو تہ اهڙو الزام هٿلدڙ تنقيد جي

ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جو رسالو تنقيد جي تاريخ ۾ هڪ حد-نشان آهي. رسالي جو مهاڳ ”مقدم لطيفي“، جيڪو وري جدا ڪتابي صورت ۾ پڻ ڇپيل آهي. اُنهن ڊاڪٽر صاحب شاهه جي شاعريءَ، خيالن ۽ ماحول جو مڪمل جائزو ورتو آهي. هنجي تنقيد اڳين نقادن جي تنقيد کان ان ڳالهه ۾ ڦريل آهي ته اها فقط تشريح ڪانهي پر اُنهن شاهه جي شعر جي بناوت ۽ روپ جي مختلف پهلن تي چند ڇاڻ ڪري ڪٽ ڪئي ويئي آهي ۽ ڪيترين ئي نيون ڳالهيون پڻ ڏنل آهن. ليڪن هن نقاد جو نظريو پڻ اهو ئي اڳين نقادن وانگر آهي. هو پڻ شاعر کي پيغمبر ۽ شعر کي خدائي الهام ٿو سمجهي. ڊاڪٽر جي تنقيد تي بحث جو هڪ سيلاب چڙي پيو، جيڪو ڪيترا سال هلندو رهيو.

ڊاڪٽر وانگر پروفيسر ڪلياڻ آڏوانيءَ جو ”شاهه جي وطن دوستي ۽ عالم دوستي“ تنقيدي مضمون سماجي تنقيد جو نمونو آهي. جنهن ۾ ڪي نوان نقطا پڻ ڏنل آهن.

**ترقي پسند تنقيد**

ٻي لڙائيءَ وقت سنڌي ساهت ۾ هڪ نئين ويچارڌارا ڦهلجڻ شروع ڪيو جنهنجو بنياد مارڪسواد تي بيٺل هو. تنقيد ۾ ان ڌارا جي جهلڪ پهرين پهرين اسان کي تيرٿ وسنت جي مضمون ”شاهه جو سنيهو“ جيڪو هن جو انعامي ڪتاب ”چڻگون“ ۾ ١٩٤٠ ۾ ڇپيو، ان ۾ ملي ٿي. هو پهريون نقاد آهي جنهن لتاڙيل وات کي ڇڏي نئين وات ورتي. هن اها تقاضا ڪئي آهي ته شاهه کي صوفي نقط نگاهه سان نه، جيئن هيلتائين ڏٺو ويو هو پر مادي نقط نگاهه سان ڏٺو وڃي. چوي ٿو، ”شاهه اعليٰ شاعر آهي ...... هنجو اُديش ”خيال جو مطلب خيال ۾ آهي“ تي نٿو سگهي. هنجو مقصد فقط خيال نه پر عمل آهي. مان سمجهان ٿو ته شاهه کي نئين سر سمجهڻ جي ضرورت آهي. هيلتائين ”صبحاني مان اعظم شاني“ تصوف جي پيچيده فلسفه جو اڀياس ۽ عرب ايران ۽ هند ۾ ان جي اتهاس جي اڀتار علمي معلومات لاءِ ڪافي سمجهي ويئي آهي. شاهه ۾ اهي مسئلا اچن ٿا پر شاهه کي فقط مولانا رومي ۽ هندو جوڳين جي عينڪ سان ڏسڻ صحيح ناهي. مان نٿو چوان ته اُهي اثر مٿس

چئن سالن ڪانپوءِ ڪهاڻين جي مجموعي ”پرھ ڦٽي“ جي مهاڳ ۾ گوبند مالهي ترقي پسند ادب جي سمجهاڻي ڏيندي لکيو، ”ترقي پسند ادب اسان جي موجوده سماج جي ڪشمڪش مان پيدا ٿيو آهي ۽ انساني فطرت جي انقلابن جو عڪس آهي. ترقي پسند اديب پنهنجي زندگيءَ کي عوام جي زندگيءَ سان ڳنڍي ٿو. هو ماڻهن جي وچ ۾ رهي انهنجي هر ڪنهن مسئلي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ...... هن جي دل تي هن طبقيوار سماج جي طبقن جي تفاوت جو گهاٽو گهرو اثر ٿئي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هو پنهنجي نه بلڪ عوام جي جذبات جي ترجماني ٿو ڪري ...... هو سماج کي تبديل ڪري هڪ نئين دنيا اڏڻ ٿو گهري.“

٨ جنوري ١٩٣٦ جي ”هندو سنسار“ ۾ اُتم جو سندر ساهت وارن طرفان ڇپايل ”سماجڪ بلوو“ ناول تي هڪ تنقيدي مضمون ڇپيو جنهنجو سرو هو ”نه گهرجي اسان کي اهڙو ساهت.“ ان ۾ ڊيڪاريل هو ته ڪيئن نه اهو ناول سيرت نگاري، واقع ڪاري ۽ حقيقت نگاريءَ جي لحاظ کان ناڪامياب آهي. اُن ۾ نقاد اجهو هيئن ٿو فتوي ڏئي، ”سچ پڇ اهو سماجڪ بلوو نه هو پر منوگيان خلاف بلوو هو جنهن ۾ حقيقتپڻي جو خاتمو ڪيو ويو هو. ان ۾ ڪابه حقيقي بلوي جي باھ نه هئي، نه انقلاب جي آگ هئي. نه هئي منجهس نواڻ ۽ نه تازگي! نه جوش نه جذبات، جو ڪنهن سندر ڪاريه لاءِ اُتساهت ڪري. تحقيق هڪ رجعت پسند ناول هو، جنهن ۾ ڪوبه ترقيءَ جو ترورو موجزن نه هو!“ ليڪ ۾ وڌيڪ ڇپيو ويو ته اسان جي ساهت ۾ تبديل اچڻ کپي. اسان کي ”انقلابي ۽ اُنتي پسند ليکڪن جي ناولن ۽ ڪهاڻين جي ضرورت آهي.“

مٿين چئن ليکن مان ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ورهاڱي کان ڪجھ سال اڳ ۾ ئي نظرياتي تنقيد توڙي عملي تنقيد ۾ ترقي پسند نظريي جي شروعاتي ٿي چڪي هئي. البت اهو نظريو اڃا مڪمل طور وڪيانڪ نه هو، چٽو نه هو، جو ورهاڱي بعد ٿي ٿيو.

## ورهاڱي ڪانپوءِ

ورهاڱي ڪانپوءِ ترقي پسند اديب توڙي نقاد سنڌي ساهت تي سيلاب وانگر ڇانئجي ويا آهن. جنهنجو نتيجو اهو نڪتو آهي جو اڄ سنڌيءَ ۾

مٿين جائزي مان اٿين سمجهڻ نہ کپي تہ نئين دنيا ۾ کي خاميون نہ هيون پر جيئن ان چونپڙيءَ ۾ جاڻايل آهي تہ اهي خاميون اسانجيءَ هلچل جون خاميون هيون. مثلا ١٩٥٣ تائين ”نئين دنيا“ جو نظريو ڪجهہ تنگ ۽ انتهاپسند هو، جنهن ڪري ڪڏهين ڪڏهين تنقيد ۽ سمالوچنا تڪي ٿي پيئي هوندي.ليڪن ٩ سالن کان ”نئين دنيا“ جي سمپادڪي سنڀاليندي مونکي اُن چوڻ ۾ هلڪ ڪانہ ٿي ٿئي تہ ”نئين دنيا“ ۾ جيڪا سمالوچنا ڏني ويئي آهي، سا خارجي (Objective) آهي ۽ داخلي (Subjective) ڪانهي، جيئن ڪن کي وهم ويٺل آهي. ان سمالوچنا ۾ خامين ۽ خوبين، ٻنهي جو ورنن ڪيل آهي. جيتوڻيڪ اها تفصيلوار تنقيد ڪانهي تہ بہ اها تنقيد جي ترقيءَ ۾ ڪنهن حد تاءِ مددگار ضرور آهي.

”نئين دنيا“ ترقي پسند ادب جي ترجمان آهي. ان نہ فقط سمالوچنا ذريعي عملي تنقيد ۾ پر نظرياتي تنقيد ۾ پڻ ترقي پسند نظريي کي صاف ۽ وگيانڪ نموني پيش ڪرڻ جي ڪوشش شروعات کان وٺي ڪئي آهي. اٽڪل ٩ سال اڳ ۾ ١٩٥١ ۾ اُتم جا بہ نظرياتي تنقيدي ليکہ-ساهت جا آهي ۽ ادب ۽ زندگي سرن هيٺ ڇپيل آهن. اُنهن ۾ ادب جو مقصد، ترقي پسند ادب جو مفهوم، اديب جي سماجڪ جوابداري، حقيقت نگاري، روپ ۽ بناوت جو رشتو وغيره چيزن تي مارڪسوادي نگاهہ کان روشني وڌل آهي.

”نئين دنيا“ کانسواءِ ٻين مخزنن ۾ پڻ اهڙا نظرياتي تنقيدي ليکہ ڇپيل آهن. مثلا مالهيءَ جو ”ڪري ڪوئي ساهت جي پرک“ تي ليکہ ۽ ”بينا“ ۾ ساهت ۽ حقيقت نگاريءَ وغيره تي ٽي چار ليکہ ڇپيل اٿس. ڪيرت جو ترقي پسند هلچل جو جائزو چونپڙي ۽ مهراڻ ۾ ”ادب ۽ حقيقت نگاري“ تي ليکہ، ايم-سڳن جا ”ساهت ۽ سياست“ ۽ ”سنڌي تنقيد“ ڦتن پرسوائيءَ جو ”تنقيد ۽ سنڌي ساهت“ ۽ اُتم جو ”حقيقت نگاري ۽ سنڌي ساهت.“

ساڳي طرح مارڪسوادي نقادن مارڪسوادي نگاهہ سان بزرگ اديبن جو جائزو ورتو آهي. اُن ڏس ۾ ذڪر قابل آهن - مالهيءَ جا شاهہ، سچل،

هن سرسري نظر وجهڻ سان ڏسجي ٿو تہ اوائلي نثر جي دور جي هن پهرئين اڌ ۾ تمام گهڻو حصو درسي نثر جو آهي جو بہ اڪثر ترجمو آهي. ظاهر آهي تہ اُن وقت سنڌي ٻولي (عربي لپيءَ ۾) ۾ تعليم جي شروعات ٿي ٿي، جنهن مان تعليم يافت طبقو اُسرڻو هو، جيڪو ئي سنڌي نثر جو نرماتا بڻجڻو هو. هن عرصي ۾ سنڌ ۾ تعليم بہ هاءِ سڪول سطح تي بہ پوري نہ اُسري هئي. مئٽرڪ امتحان جو مرڪز بہ اڃا بمبئي هو. جتي ۱۸۶۲ ۾ جيڪي پهريان چار ڄڻا هئا، ديوان ڪوڙومل، ساڌو نولراءِ، ديوان ڏيارام جيٺمل ۽ چوهرمل پنجابي، جيڪو هڪ ئي ڄڻو پاس ٿيو هو. اهڙيءَ حالت ۾ سنڌي اوائلي نثر جي جدا جدا شاخن اصلوڪو ساهت ڪير ٿي رَچي سگهيو. رڳو هڪ ديوان ڪوڙومل ئي هو جيڪو استري وديا ۽ سڄاڳيءَ جي ٻرندڙ مسئلي تي اصلوڪي مضمون (مقالي) جو ڪتاب(”پڪو پهہ“ ڏيئي سگهيو ۽ سنڌي مضمون نويسيءَ جو جنم داتا بڻيو، جيئن ٻئي اڌ دور ۾ مرزا قليچ بيگ، ديوان ديارام گدومل ۽ پرمانند ميوارام نثر جي ٻين شاخن جا باني بڻيا.

اُسرندڙ نثر جي دور جي ٻئي اڌ ۾ جيڪو ۱۹۰۵ تائين هليو تنهن ۾ اُن پنهنجو ڪجهہ ساهتڪ ۽ اصلوڪو روپ پسايو آهي. نثر جي اڪثر سيني شاخن جي پيڙهہ پختي ٿي ان جا منهنجي ويچار ۾ چار مکيہ تاريخي سبب آهن. ۱- تعليمي ترقي ۲- سماجڪ سڄاڳي ۳- اخباري آواز ۴- پريس ۽ خانگي پبلشر.

هن ئي عرصي ۾ سنڌ ۾ نوان هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج کليا. ۱۸۷۸ ۾ پهريون دفعو مئٽرڪ امتحان جو مرڪز بمبئي (جيڪا اُن وقت ڄڻ ولائت لڳندي هئي) بدران ڪراچي ڪيو ويو. اُتي ئي ۱۸۸۵ ۾ مسلم مدرسو ۽ ۱۸۸۷ ۾ ڊي. جي. سنڌ ڪاليج برپا ٿيو. اُن وقت تائين سڄيءَ سنڌ ۾ ۱۵-۱۶ گرئجوئيٽ مس هئا. جيئن جيئن مغربي تعليم، تهذيب ۽ تمدن جو اثر وڌندو ويو تيئن تيئن پنگتي سڌارن لاءِ جاڳرتا اچڻ لڳي. سنہ ۱۸۸۲ ۾ سنڌ سڀا ٺهي، جنهن جا سرڪردا هئا - ديوان ديارام گدومل، ديوان ڪوڙومل چندن مل، ساڌو هيرانند ۽ نولراءِ ۽ ديوان ديارام جيٺمل ۽ حسنعلي آفندي جنهن ۱۸۸۵ ۾ ڪلڪتي ۾ سرسيد احمدخان جي

# باغي ڀڳتڻ ميران

١٤ صديءَ جي شروعات کانوٺي ١٨ صديءَ وارو وچولو ڀڳو هندستاني ساهت ۾ سنت ڪوين جو زمانو چئجي تہ بيجا نہ ٿيندو. ڪبير، گرونانڪ، ميران، سورداس، تلسيداس، تڪارام، نامديو وغيره مشهور سنت ڪوي ان دور ۾ پيدا ٿيا. هنن ڀڳتيءَ جي ڪوتائن ۽ مٺن گيتن سان ماڻهن جي ستايل روح کي راحت بخشي.

اها شايد اسانجي ديس جي ئي خصوصيت آهي جتي جي ڪيترن ئي مهاپرشن جي جنم ۽ موت جي تاريخ جي پڪي خبر نہ رکي ويئي آهي. انڪري ميران ٻائيءَ جي جنم ۽ موت جي تاريخ لاءِ اتهاسڪارن ۾ مت ڀيد آهن. پر گهڻن جو رايو آهي تہ هنجو جنم سنہ ١٤٩٨ عيسوي ڌاري ۽ موت ١٥٦٨ع ڌاري ٿيو.

اُن وقت هندستان جاگيرداري دور مان لنگهي رهيو هو. پرٿويراج چوهاڻ جي راڄ کانوٺي مغلن جي راڄ جي دور تائين اُتر هندستان سخت دٻاءُ ۽ بي چيني سٺي؛ ننڍيون وڏيون جنگيون ڏٺيون. جاگيردارن ۽ پنڊتن پروهتن جي ڏاڍاين کان تنگ آيل جنتا نجات لاءِ سرگردان هئي.

مارڪس جي ساٿي اينگلس "جرمنيءَ جي ڪسان يڌ" ڪتاب ۾ چيو آهي تہ وچولي زماني جي جاگيرداري دور ۾ "جدا جدا سماجن جي گهر ۽ اُنجو فائدو ۽ ضرورتون ڌارمڪ روپ وٺي ظاهر ٿين ٿيون." ساڳيءَ طرح مرهٽيءَ جو مشهور نقاد ايس. اي. ڊانگي هن دور بابت لکي ٿو تہ انوقت "سڀ سماجڪ قانون ۽ زندگي، سماجڪ رشتا، مذهبي قانونن مطابق مقرر ڪيل هئا."

ڀڳتي تحريڪ ان دور جي پيدائش هئي جنهن جنتا کي گهربل جهولڪارو وٺي ڏنو. اُن پروهتن جي اُپاسنا ۽ علم جي هڪ هٽيءَ کي

لڙيو، جاگيرداري ظلم جو مقابلو ڪيو ۽ ذات پات جي ڀيد جي ڪڙي مخالفت ڪئي. ان تحرڪ جو تت اهو هو تہ ايشور اڳيان ڪوبہ ننڍو وڏو ناهي ۽ هرڪو ڀڳتيءَ ذريعي موڪيہ حاصل ڪري سگهي ٿو. ڪن ڪرشن کي تہ ڪن رام کي ايشور جو اوتار سمجهي ڀڳتي ڪئي. ميران بائيءَ ڪرشن کي پنهنجي ڀڳتيءَ جو مرڪز بڻايو.

ميران جو جنم راجپوتانا ۾ جوڌپور پرسان هڪ ڳوٺ ۾ رالوڙ ڪلنب ۾ ٿيو. ننڍي هوندي ئي هيءَ مائٽن جي سڪيلڏي ڏيءَ يتيم بڻجي ويئي. هنجي ڏاڏي راءِ دوداجيءَ کيس پالي نپائي وڏو ڪيو. جلدئي دوداجيءَ جو مرتيو ٿيو. ميران جي چاچي هن جي شادي راڻا سنگا جي پٽ ڪنور ڀوڄ راج سان ڪرائي. انوقت ميران جي عمر اجا ١٢ سال کن مس هئي. ليڪن هن شاديءَ جو سک نہ ڏٺو. ڇهن سالن ۾ ئي سندس پتي گذاري ويو. جيڪڏهن هو گهڻو وقت جيئرو رهي ها تہ ميران راڄ راڻي هجي ها. راڻا سنگا ڪانپوءِ هونءَ ڀوڄ راج گاديءَ تي وهي ها پر هاڻي رتن سنگهہ ويٺو. پر اهو بہ گهڻو وقت زنده نہ رهيو. هنجي موت بعد راڻا وڪرماجيت گاديءَ تي ويٺو. جنهن ميران سان جنسي ڀائي ڪئي.

ميران پنهنجي پتيءَ جي موت بعد ڪرشن کي پنهنجو پتي بڻايو. جنهنجي ڀڳتيءَ ۾ مست ٿي گيت ڳائڻ لڳي ۽ نچڻ لڳي. ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو هنجي مڌر ٻاڻي ٻڌڻ لاءِ اچڻ لڳا. هوءَ هنن سان ٻنا ڪنهن ھٺڪ جي رلندي ملندي هئي. هيءَ هلت راجائيءَ ۽ جاگيرداري شان جي خلاف هئي. هنجا گهر وارا هن مان سخت ناراض ٿيا ۽ هنکي ”ڪُل ٻوڙيندڙ“ وغيره نالن سان پڪارڻ لڳا. جئن ميران خود چيو آهي :-

”پڳ گهنگهرو باندھ ميران ناچي ري،
لوگ ڪهين ميران هو گئي باوري،
نياتَ ڪَهين ڪُل ناسي ري.“

راڻا وڪرماجيت ميران کي پنهنجي ڀڳتيءَ کان باز آڻڻ جي ڪوشش ڪئي. انلاءِ هن ڪيس انيڪ تڪليفون به ڏنيون پر ميران ُسڀ خوشيءَ سان سهي پنهنجي ڀڳتيءَ ۾ مگن رهي. جاگيردار ۽ راجا جي حيثيت ۾ وڪرماجيت، ڪٽنب جو مالڪ هو ۽ ميران هنجي دٻاءَ هيٺ نه رهي پنهنجي اِنفرادي هستيءَ جو اظهار ڪري جاگيرداري سرشتي کي وڏو ڌڪ هنيو. هڪ هنڌ چويٿي : -

”ميرا ڪوئي نه روڪڻ هار، مگن هوءِ ميران چلي،
لاج شرم، ڪل ڪيِ مرجادا، سر سيِ دور ڪري.“
”لوڪ لاج ڪل ڪي مرجادا يهه مئن ايڪ نه راکون گي،
پِيوَ ڪي پلنگه پر جا پوڙهونِ گي،
ميران هَريِ رنگه راچونگي.“

انوقت استريءَ جي سماج ۾ ڪهڙي حالت هئي؟ پتيءَ جي شيوا ڪرڻ ئي هنجو ڌرم هو. انڪانسواءِ هنڪي ٻي ڪابه سڪيا نه ڏني ويندي هئي. هنڪي سماجڪ ۽ ڌرمي سرگرمين ۾ به حصو وٺڻ نه ڏنو ويندو هو. هوءَ جنسي اڇوت ليکي ويندي هئي. ميران جي زندگيءَ ۾ پڻ هڪ اهڙو واقعو پيش آيو. جڏهن هوءَ راجپوتانا ڇڏي بندرابن ۾ آئي تڏهن هن اُتيجي مشهور سنت جيو گوسائين سان ملڻ لاءِ اڇا ظاهر ڪئي. هو سچو ساڌو هو ۽ استرين جي ڇانءِ کان به پري رهندو هو. اندران ئي چوائي موڪليائينس،”اسين استرين سان نه گڏجندا آهيون.“ اُن تي ميران جواب موڪليس،”مان ته سمجهندي هيس ته بندرابن ۾ ڪرشن ئي صرف هڪ مرد آهي، پر هتي اچي معلوم ٿيو اٿم ته هنجو مقابلو ڪندڙ پيدا ٿي ويو آهي.“ ميران جو اهو جواب ٻڌي ساڌو صاحب ڏاڍو ڪڪو وڪو ٿيو ۽ اُگهاڙن پيرن سان ئي ٻاهر اچي ميران سان سڪ سان گڏيو.

انوقت جڏهن سهاڳڻ استريءَ جي رحم جوڳي حالت هئي، تڏهن وڌوا جو ڪهڙو حال هوندو؟ نوجوان وڌوا ميران لاءِ به راهون ڪٺيل

# عَظيم ترين اَديب تيرٿ بسنت

سرڳواسي تيرٿ بسنت هتي اسانجو هڪ ئي جينيس ساهتڪار هو، جيڪو نہ رڳو ٻولي لکڻ جو پرٻيڻ هو، پر ساهت ڪلا، گيان وگيان، راڄنيتي توڙي پنگتي، ڌرمي توڙي روحاني وشين جو هڪ پارکو ۽ اَپياسي هو. هنجي رچنا علميت ۽ عقليت جو اَنبار هوندي هئي.

منهنجو هي بيان شايد ڪن اڻڄاڻن کي وڌاءُ لڳي پر مون ڪن ٻين ساهتڪارن وانگر بنا سَندَ جي اڄاڻي خوشامد ۽ چاپلوسي سان ڪنهن جي وڌائي نہ ڪئي آهي. ان ڪري هتي پنهنجي ويجهي ۾ ويجهي عزيز ۽ بزرگ دوست سرڳواسي پروفيسر منگهارام ملڪاڻي جي، بسنت جي هڪ ١٩٧٩ ۾ لکيل ڪتاب بابت راءِ ڏيان ٿو.

هو لکيتو، ”تيرٿ بسنت جو اَپياس ۽ علم اَهڙو تہ وسيع آهي جو هو ڪهڙي بہ موضوع تي هڪ شاهي گرنٿ رچي سگهي ٿو. تازو جو ”ساهتيہ سَرج“ پستڪ پڌرو ڪيو اَٿس سو سندس سيني ڪتابن جو سرمور آهي. هو نہ صرف ٺيٺ سنڌي زبان ۾ گوهر آهي، پر هندي، اُردو، فارسي، عربي ۽ انگريزي ٻولين تي بہ دست رَس اٿس. تن مڙني مان سنڌيءَ جي طبيعت سان ٺهڪندڙ لفظ ۽ محاورا چونڊي ۽ ملائي ان کي مالامال ڪيو اٿس .... هن جي چمتڪاري لکڻي جو مثال ”ڪلڪ ڪلا“ مضمون ۾ ملندو جو ڪلڪ ڪلا جو ڪمال آهي.... هو اڄ اسان جو برک فيلسوف ۽ مُفڪر آهي جنهن تي سنڌي جاتيءَ کي فخر آهي.“ (پڙهو ڪتاب سنڌي ساهت جي سمالوچنا)

پروفيسر ملڪاڻيءَ مٿيون رايو موت (١٩٨٠) کان ٿورو اڳ لکيو هو ۽ اکل ڀارت ساهت سڀا وارن کي سندس ٻين ليکن واري ڪتاب ”ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو جائزو“ (١٩٨٠) ۾ ڇهڻ لاءِ ڏنو جو هنن تہ ڇپيو

۾ پهرين بسنت کي مليو، جو ٽن ڄڻن دلگير، ڊاڪٽر سدارنگاڻي ۽ پرڏان ايم. يو. ملڪاڻيءَ ١٥ آيل ڪتابن مان سندس ڪتاب چونڊيو. اڄ جي سڀا ۾ مهاراشٽر اڪيڊمي وانگر انوقت پرشتاچار يا پاسخاطري نه ٿيندي هئي. سندس ان ”ساهت سار“ ڪتاب کي پوءِ وائومل اوارڊ به مليو. ان کان اڳ سندس سنت ڪنوررام تي لکيل ڪتاب ”ڪنور“ تي پهريون ساهت اڪيڊمي اوارڊ ١٩٥٨ ۾ به مليس جو ڪنهن سنڌي ساهتڪار کي پهرين پهرين عطا ٿيو هو. ان ڪتاب ۾ ڪنوررام جي جيونيءَ کان وڌيڪ سنڌي گيتن جو خزانو پريل آهي.

بسنت جو ١٩٥٧ ۾ لکيل ڪتاب ”ڪنور“ سچ پچ ناياب ته چا اصل شاهڪار آهي. اُن ۾ هن نه رڳو سنت ڪنور جي حياتي ڏني آهي پر سندس ڳاتل سڀ سنڌي ڪلام ۽ ڪافيون (شاه، سچل، سامي، اوحل، درياخان وغيره جون) پر ڪبير، ميران، تلسيداس وغيره جا ڳاتل گيت به ڏنا آهن ۽ انهن سان گڏ سنت ڪنور جيڪي بيت ۽ ڏوهيڙا ڏيندو هو سي به ڏنا اٿس. اصل سنڌي ڪافين ۽ گيتن جو خزانو هڪ سؤ کن صفحن ۾ پکڙيل آهي. نه رڳو ايترو پر بسنت ڪافين، بيتن، سنڌي گيتن ۽ سنگيت جي سمجهاڻي سان گڏ اُن جي پرمپرا ۽ سنڌين جون ريتيون رسمون، ويچار وهنوار به ڏنا آهن. بسنت نه رڳو جيوني ڏني آهي پر سنڌ جو مختصر ڪلچرل، اتهاس ۽ آزادي هلچل ۽ تنگدل ۽ تعصبين جي جهلڪ ۽ سنڌي گيت، سنگيت ۽ سنتن ۽ صوفين جي ميل ميلاپ جو به اثر ڏيکاريو اٿس جيڪو سنت ڪنور جي ڳاتل ڪافين مان به ظاهر آهي جيڪي ٻڌي عام ماڻهو مدهوش ٿيندا آهن. خاص ڪري ”ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان. ڏس ڪو ڏانءُ.“ ڪنوررام جي ٻي مشهور ڪافي آهي ”آءُ ڪانگا ڪر ڳالهه مونکي تن ماروئڙن جي. ماروئڙن جي سانگيئڙن جي.“

مرحوم سائين جي. ايم. سيد پنهنجي يادگيرين جي ٻن ڀاڱن

۽ ضرور ياد ڪيو ويندو آهي ۽ هنجي يادگار ڪتاب ”ڪنور“ مان حوالا ڏنا ويندا آهن ۽ سنڌي هندن ۽ مسلمانن جي من محبت واري رهڻيءَ ڪرڻيءَ تي زور ڏنو ويندو آهي. جيتوڻيڪ ڪي فرقيپرست ۽ الڳاڻ هتي سنڌي هندن مسلمانن جي ان ماضيءَ واري هلت چلت ۽ وهنوار کي وساري هندن ۽ مسلمانن ۾ ويڇو وڌائڻ لاءِ هتي اخبارن جا ڪالم ڪارا ڪندا آهن.

اهڙن شخص کي تيرٿ بسنت جو ڪتاب ”ڪنور“ روشنيءَ جي راهه ڏيکاريندڙ ۽ فرقيپرستيءَ جي اڳيان هماليہ پهاڙ جهڙي رڪاوٽ ثابت ٿيندو آهي. تيرٿ بسنت سڄي عمر ڪنوارو رهيو ۽ ڪابہ ڪامني هن کي شاديءَ جي بنڌڻ ۾ جڪڙي نہ سگهي. پر ڪلڪ ڪلا ئي هن سوروير کي پنهنجي تير ڪمان سان گهايي ڇڏيو. هن ان ڪلڪ ڪلا سان ئي لاهون لڌيون. جنهن پڇاڙيءَ تائين هن سان وفاداريءَ جو ناتو نباهيو. انڪري ئي هو تيهہ ڪتاب شايع ڪري سگهيو ۽ ايترا ٻيا لکيل ڪتاب شايد شايع ٿيڻ ڪانسواءِ رهجي ويس. انهن ڪتابن ۾ هن لڳ ڀڳ ساهت جي سڀني شاخن، (نظم توڙي نثر)، مضمون، تنقيد، ڪهاڻي، ناٽڪ، جيوني ڪلا وغيره کي اوڄ ڏني آهي. مونکي هن جهڙو ساهت کي ايتري گهڻي اُنتي بخشيندڙ هتي ٻيو ڪو ساهتڪار نٿو سجهي.

جيڪڏهن هو شاديءَ جي بنڌڻ ۾ جڪڙيل هجي ها تہ هو ايترو اتاهم ساهت لکي سنڌي جاتيءَ جو نالو روشن نہ ڪري سگهي ها. آلبت اِئين آهي تہ جيون ساٿڻ نہ هئڻ ڪري هنکي حياتيءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ڪافي ڏکيائون ڏسڻيون پيئون هيون جيئن مونکي هنسان دهليءَ ۾ وچي گڏجڻ تي ڏسڻ ۾ آيو هو.

هڪ دفعي مون هنکي دهليءَ ۾ چوٽ تي هڪ اڌ ڍڪيل ڇت هيٺان پنهنجي لاءِ روٽي ٺاهيندو ڏٺو جا هن مونکي پاڻ سان گڏ ويهي کارائي.

آخرين دفعو مان هن سان دهليءَ ۾ ڪماري وينا شرنگيءَ جي ماروئي سنستا طرفان ١٩٨٩ ۾ سڏايل سيمينار ۾ گڏيو هوس جتي مون پيپر پڙهيو هو ۽ هن بہ هڪ بينڪ جي صدارت ڪئي هئي. هن پنهنجي اپياسي علم جي روشنيءَ مان حاضرين جي رهنمائي ڪئي هئي.

هن کي 1990 ۾ پريہ درشني (ممبئي) طرفان انعام مليو جو هو بيماريءَ سبب اچي پنهنجن هٿن سان وٺي نہ سگهيو هو تڏهن پريہ درشنيءَ وارا شري نانڪ روپاڻي وغيره ڪيس دهليءَ ۾ وڃي پنهنجي هٿن سان ڏيئي آيا ۽ مونکي ٻڌايائون تہ هنجي مسڪينيءَ واري حالت ڪين اصل ڏڪ ڏيئي ڇڏيو هو.

هڪ ڏينهن مون اوچتو وينا شرنگيءَ جي ٻڙودي ۾ بسنت سان ٿيل آخرين گڏجاڻيءَ جو احوال اخبار ۾ پڙهيو جنهن ۾ هن لکيو هو تہ هو ٻڌا آشرم ۾ رهي ٿو ۽ سنڌين جي بي قدر سڀاءَ ڪري ڪنهن سان نٿو گڏجي.

هنجي پوءِ اهڙي حالت ٻڌي جو سنڌس ڀاءُ ڪيس ممبئيءَ ۾ وٺي آيو جتي جلدئي هو گذاري ويو. اِئين هيءُ سورهيہ سنڌي سپوت ۽ سچار، صاف گو، خوددار، اصولي، عَظيم ترين اَديب ١٩٩٤ وڃي سانسين سڪالو ٿيو ۽ سدائين لاءِ آمرتا جو پيغام ڇڏي ويو.

(جهوليلال - ١٩٩٤-١٩٩٦)

